# توسل

ليکڪ:

آيت الله سيد مرتضیٰ مجتهدي سيستاني

سنڌيڪار:

سيد رفاقت علي نقوي

WWW.ALMONJI.COM

Email: info@almonji.com

هيءُ كتابُ:

كتاب "اسرار موفّقيّت" جي بحثن منجهان هڪ بحث جو ترجمو آهي.

جيڪو هيستائين مختلف زبانن عربي، اردو، انگلش، آزربائيجان ۽ سنڌي ۾ ترجمي ۽ چاپ جا مرحلا طئي ڪري چڪو آهي.

بسم الله الرحمن الرحيم

# فهرست مطالب


١. خدا ۽ اهل بيت عليهم السلام جي ياد: ........................٧..........

٢. بيشڪ اسان جو ذڪر ئي خدا جو ذڪر آهي: ..............................٩..

٣. توسل قرآن مجيد جي نظر ۾: ......................١٢..........................

٤. دعائن ۽ زيارتن ۾ توسل: ..............................١٤................................

٥. توسل خدا جي بارگاهه ۾ قرب جو وسيلو: ........................١٨.....

٦. توسل دعائن جي قبول ٿيڻ جو ذريعو: ..................١٩..........

٧. توسل ۾ اعتقادي مسئلا: ..............................٢٠.................................

٨. توسل جي باري ۾ ڪجهه بنادي نڪتا: ..................٢٣..........

٩. توسل ڪرڻ ۾ توجهه ۽ فڪر جو خاص خيال رکڻ: ................٢٥.

١٠. توسل ۾ يقين جو ڪردار: ..........................٣١..............................

١١. معرفت، انسان جي يقين ۾ واڌاري جو سبب آهي: ..............٣٤

١٢. توسل ۾ اضطرار جو ڪردار: ........................٣٦..........................

١٣. حضرت عباس عليہ السلام جي حرم ۾ پريشان عورت: ...٣٩...

١٤. پيون نڪتو: ........................................................٤٢....................

١٥. عالم غيب کان مدد: ..........................................٤٣................

١٦. علمي مشڪلات کي حل ڪرڻ جي لاءِ توسل: ...٤٤........................

١٧. توسل کان پاسو ڪرڻ گناھ جي علامت آهي: ...٤٦.........................

١٨. بحث جو نتيجو: ...............................................٤٧............

حضرت اميرالمؤمنين علي عليه السلام  فرمائن ٿا

هُمْ الْوَسِيلَةُ إِلَى اللَّهِ وَ الْوُصْلَةُ إِلَى عَفْوِهِ وَ رِضَاه[1] .

معصومين عليهم السلام خدا تائين پهچڻ جو وسيلو آهن ۽ خدا جي بخشش ۽ رضايت تائين پهچڻ جو رستو آهن

**خدا ۽ اهل بيت عليهم السلام جي ياد:**

خدا جي ياد غمگين ۽ پريشان دلين کي آرام بخشيندي آهي ۽ انهن کي مشقلات کان نجات ڏيندي آهي، پر غفلت کندي خدا ۽ اهل بيت عليهم السلام جي ياد کي وساري ڇڏڻ دل جي گمراهي جو سبب ٿيندي آهي ۽ دل کي هميشہ هميشہ لاءِ پريشانين ۾ ڌکي ڇڏيندي آهي.

خدا حضرت موسیٰ عليہ السلام تي وحي نازل کندي فرمايو

يَا مُوسَى عليه السلام لَا تَفْرَحْ بِكَثْرَةِ الْمَالِ وَلَا تَدَعْ ذِكْرِي عَلَى كُلِّ حَالٍ فَإِنَّ كَثْرَةَ الْمَالِ تُنْسِي الذُّنُوبَ وَإِنَّ تَرْكَ ذِكْرِي يُقْسِي الْقُلُوبَ[1].

اي موسیٰ (عليہ السلام)! مال جي گھڻي هجڻ جي کري خوش نہ ٿيجاءِ ۽ کھڙي بہ حال ۾ منهنجي ياد کي ڇڏي نہ ڏيجاءِ ڇاکاڻ تہ مال جو گھڻو هجڻ گناهن کي وساري ڇڏيندو آهي ۽ بيشک منهنجي ياد کي وساري ڇڏڻ دل جي سخت ٿي وڃڻ جو سبب ٿيندو آهي،

ڇوجو خدا جي ياد کي وساري ڇڏڻ سان انسان تي شيطان (ملعون) مسلط ٿي ويندو آهي ۽ ان جي آرام ۽ سکون کي برباد کري ڇڏيندو آهي.

---

[1]. کافي؛ج، ۲، ص، ٤٩٧

**خداوند عالم قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:**

وَمَنْ يَعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمنِ نُقَيِّضْ لَهُ شَيْطاناً فَهُوَ لَهُ قَرِين[٢].

**جيڪو بہ شخص الله جي ذڪر کان منهن ڦيرائيندو اسان ان جي لاءِ هڪ شيطان مقرر ڪنداسين جيڪو ان جو ساٿي ۽ گڏ رهڻ وارو هوندو.**

**گناهن ڪي وساري ڇڏڻ، دل جي سخت ٿيڻ ۽ شيطان جو مسلط ٿي وڃڻ خدا جي ياد ڪي وسارڻ جو نتيجو آهي. خدا جي ياد انسان ڪي روحاني بيمارين کان نجات ڏيندي آهي ۽ ان ڪي دلي ۽ روحاني سڪون عطا ڪندي آهي. اسان ڪي ان نڪتہ ڏانهن توجهہ ڪرڻ گهرجي تہ اهل بيت عليهم السلام جي ياد بہ خدا جي ياد آهي، جڏهن تہ خدا جي ذڪر سان ظاهر ٿيڻ وارا اثرَ اهل بيت عليهم السلام جي ذڪر سان بہ ظاهر ٿيندا آهي.**

**امام محمد باقر عليہ السلام فرمائن ٿا:**

إِنَّ ذِكْرَنَا مِنْ ذِكْرِ الله[٣].

---

[٢]. سوره زخرف آيت ٣٦.

[٣]. ڪافي: ج، ٢، ص، ٤٩٦

**بيشڪ اسان جو ذڪر ئي خدا جو ذڪر آهي:**

اسان ڪي گُهرجي تہ فقط انهن معصوم هستين جو ذڪر ڪيون، بلڪ مشڪلات ۽ پريشانين ۾ انهن سان توسل بہ ڪيون. ڇاڪاڻ تہ اهل بيت رسول عليهم السلام نجات جي ڪشتي ۽ بي سهارن لاءِ آسرو آهن. اهي گمراهي جي خوفناڪ طوفان ۾ گرفتار ماڻهن لاءِ نجات جو سامان فراهم ڪندا آهن. ان ڪري اسان ڪي گهرجي تہ انهن معصوم هستين ڪي پريشاني ۽ مشڪلات جي گهڙيءَ گرفتار امت جي منجي (يعني نجات ڏيڻ وارا) جي طور تي سڃاڻيون.

اميرالمؤمنين حضرت علي ابن ابي طالب عليهما السلام فرمايو آهي:

أَيُّهَا النَّاسُ شُقُّوا أَمْوَاجَ الْفِتَنِ بِسُفُنِ النَّجَاةِ[٤].

اي انسانون! فتني جي لهرن ڪي نجات جي ڪشتيءَ سان چيري ڇڏيو.

اميرالمؤمنين حضرت علي عليہ السلام هڪ ٻئي روايت ۾ فرمايو آهي:

مَنْ رَكِبَ غَيْرَ سَفِينَتِنَا غَرِقَ[٥].

---

٤. بحارالانوار: ج، ٢٨،ص، ٢٣٣

٥. غررالحكم :ص،١١٦

جيڪو بہ اسان (اهل بيت عليهم السلام ) جي ڪشتيءَ کان بغير ڪنهن ٻئي ڪشتيءَ ۾ سوار ٿيندو اهو غرق ٿي ويندو.

ان بناء تي اسان کي گهرجي تہ پنهنجي سيني مشڪلاتن ۾ ايستائين جو اعتقادي مسئلن ۾ بہ حقيقي هادي ۽ رهنما کان هدايت وٺون، نہ تہ اسان گمراهيءَ جي اونداهيءَ ۾ هليا ويندا سين.

حضرت امام علي عليہ السلام فرمائن ٿا:

مَن يَطْلُبِ الْهِدَايَةَ مِنْ غَيْرِ أَهْلِهَا يَضِلُّ[٦].

جيڪو بہ هدايت کي اهل ماڻهن کانسواءِ ڪنهن ٻئي کان وٺندو اهو گمراهہ ٿي ويندو.

هاڻي انهن ماڻهن جو ڪهڙو حشر ٿيندو جن معاشري جي ڪريل، پست ۽ ناهل ماڻهن جي پيروي کي قبول ڪري اکين جو سرمو بڻايو؟!.

مشڪلات، فتني، فساد ۽ برباد ڪرڻ واري طوفان (جڏهن تہ طوفان جون خطرناڪ لهرون خبردار بہ ڪري رهيون آهن تہ) ۾ خدا ۽ اولياء خدا کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي پيروي ڪرڻ وارا برباد ٿي ويندا. پر اهل بيت اطهار عليهم السلام سان توسل ڪرڻ ۽ انهن معصوم

---

٦. غررالحڪم ؛ص، ٩٥

هستين کان مدد گهرڻ توهان کي گمراهي ۽ نابودي کان نجات ڏيندي ساحل تائين پهچائيندا.

جيتوڻيڪ سمنڊ جون لهرون ننڍين وڏين سڀني ڪشتين کي گڏوگڏ لهرائينديون آهن پر درياء جو طوفان تمام ڪشتين کي غرق نہ ڪري سگهندو آهي. مصيبتون، فتنو ۽ فساد ان ئي وانگر آهي، اهي توڙي ڪيترا بہ خطرناڪ ڇونہ هجن پر پوءِ بہ سڀني انسانن کي نابود ۽ برباد نہ ڪري سگهندا آهن، بلڪہ ڪجهہ کي نجات جي ڪناري تائين پهچائيندا آهن.

ره ملک سعادت را تواند بي خطر رفتن

بہ دست خود ز آئين ادب هر کس عصا دارد

انسانن منجهان ڪجهہ اهڙا بہ افراد موجود آهن جيڪي آخري زماني جي فسادن جي سامهون پنهنجي سيني کي ڍال بڻائيندي پنهنجي عزت ۽ مان ۾ واڌارو ڪندا آهن.

جيڪڏهن توهان اهڙن ماڻهن منجهان هجڻ پسند ڪريو ٿا تہ مشڪلات ۽ مصيبتن جي خطرناڪ طوفان جي لهرن ۾ اهل بيت عليهم السلام جي ڪشتي ۾ سوار ٿي وڃو ۽ خدا جي عظيم و شان

ولايت رکڻ وارين پاک ۽ پاڪيزه هستين سان توسل جي ذريعي پنهنجي پاڻ کي گمراهي کان نجات ڏيو.

**توسل قرآن مجيد جي نظر ۾:**

ان بناء تي پنهنجي مشڪلات ۽ پريشانين ۾ اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪريو ۽ ان ڪريم خاندان جي اڻ کٽ عنايتن کان استفادو ڪريو.

حضرت امام علي ابن موسیٰ الرضا عليہ السلام فرمايو آهي:

إِذَا نَزَلَتْ بِكُمْ شِدَّةٌ فَاسْتَعِينُوا بِنَا عَلَى اللهِ وَهُوَ قَوْلُ اللهِ وَلِلَّهِ الْأَسْمَاءُ الْحُسْنَى فَادْعُوهُ بِهَا قَالَ قَالَ أَبُو عَبْدِ اللهِ عليه السلام : نَحْنُ وَ اللهِ الْأَسْمَاءُ الْحُسْنَى الَّذِي لَا يُقْبَلُ مِنْ أَحَدٍ إِلَّا بِمَعْرِفَتِنَا قَالَ فَادْعُوهُ بِهَا[٧].

جڏهن توهان ڪنهن سخت مصيبت ۾ گرفتار ٿي وڃو تہ اسان (اهل بيت عليهم السلام ) جي وسيلي سان خدا کان مدد گھرو. اهو ئي خدا جي فرمان جو مفهوم آهي تہ خدا فرمايو: ”خدا جي لاءِ ئي بهترين نالا آهن ان ڪري خدا کان انهن ئي نالن جي ذريعي سوال ڪريو“

[٧]. مستدرڪ الوسائل: ج، ٥، ص، ٢٢٩

ان کانپوءِ امام رضا عليہ السلام فرمايو تہ حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام هن ريت فرمايو آهي:

خدا جو قسم اسان ئي خدا جا اهي بهترين نالا آهيون، سواءِ اسان جي معرفت جي کو بہ عمل قبول نٿو ٿي سگهي، ان کان پوءِ وري هڪ پيرو بيهر امام صادق عليہ السلام فرمايو: خدا کي انهن جي وسيلي سان پڪاريو.

ان بناء تي اهل بيت عليهم السلام ئي خدا جا بهترين نالا آهن ۽ هن دور ۾ حضرت بقية الله الاعظم (عجل الله تعالیٰ فرجه الشريف) ان جو مجسم نمونو ۽ اسان جي مٿان خدا جي عنايتن جو مظهر آهي. اسان کي تقویٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ ان هستيءَ جي خاص عنايتن سان توسل ڪندي خدا جو قرب حاصل ڪرڻ گهرجي.

قرآن مجيد ۾ خدا تعالیٰ جو فرمان آهي:

يا أَيُّهَا الَّذينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللّهَ وَابْتَغُوا إِلَيْهِ الْوَسيلَةَ وَجاهِدُوا في سَبيلِهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُون[8].

اي ايمان وارو خدا کان ڊڄو ۽ ان تائين پهچن لاءِ وسيلو تلاش ڪريو ۽ ان جي راهہ ۾ جهاد ڪيو تہ جيئن توهان اهڙي طرح ڪامياب ٿي سگهو.

---

[8]. سورت مائده آيت ۳۵

اسان اهل بيت عليهم السلام سان توسّل جي ذريعي عالم غيب کان مدد طلب ڪندا آهيون ۽ انهن عظيم هستين جون عنايتون حاصل ڪندا آهيون. تہ جئين دنيا ۽ آخرت ۾ سرخرو ٿي سگهو.

## دعائن ۽ زيارتن ۾ توسل:

ماڻهن اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪرڻ جا ايترا تہ نتيجا ڏٺا آهن جيڪي ناقابل انڪار آهن. خاندان وحي عليهم السلام جا تمام محب پنهنجي مشڪلاتن ڪي انهن ئي بابرڪت هستين سان توسل ڪري حل ڪندا آهن، ۽ اهي ٻين جي حاجتن جي مستجاب ٿيڻ جا شاهد بہ آهن، انهن سان توسل ڪرڻ جي سبب اهڙيون مشڪلاتون حل ٿي وينديون آهن جن جو اسان جي ناقص عقل جي محدوديت ۾ حل ٿيڻ ممڪن نہ آهي.

اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪرڻ جي سلسلي ۾ نہ رڳو قرآن مجيد ۽ خاندان وحي عليهم السلام جي روايتن ۾ حڪم بيان ٿيو آهي بلڪہ دعائن زيارتن ۾ بہ اسان ڪي توسل ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي آهي.

فقط اسان هتي ٻن نمونن ڪي ذڪر ڪرڻ تي اڪتفاء ڪيون ٿا:

حضرت امام حسين عليہ السلام جي زيارت ۾ اسان پڙهندا آهيون:

أَتَوَسَّلُ إِلَى اللهِ بِكَ فِي جَمِيعِ حَوَائِجِي مِنْ أَمْرِ آخِرَتِي وَدُنْيَايَ وَبِكَ يَتَوَسَّلُ الْمُتَوَسِّلُونَ إِلَى اللهِ فِي حَوَائِجِهِم[٩].

آئون پنهنجي سيني حاجتن ۾ توڻي دنيائي هجن يا اخروي توهان جي وسيلي سان خدا جي بارگاهه ۾ توسل ڪيان ٿو، ڇو جو خدا جي بارگاهه ۾ توسل ڪرڻ وارا پنهنجن حاجتن ۾ سڀ جا سڀ توهان جي وسيلي سان ئي توسل ڪندا آهن.

حضرت امام حسين عليه السلام سان توسل ڪرڻ ۽ سندس عزاداريءَ ۾ روئڻ سيني انسانن جي لاءِ فائديمند آهي، ايستائين جو بيحد گناهگار به پنهنجي ڪردار ۽ رفتار ۾ پشيمان ٿي امام حسين عليه السلام جي طرف توجهه ڪري سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته پاڻ سيني گنهگارن جي بخشش ڪرڻ وارا ڪريم آهن. يقين ڪريو ته امام حسين عليه السلام تمام بي سهارن جو سهارو آهي.

عرفه جي ڏينهن دعا ۾ پڙهندا آهيون:

أَسْأَلُكَ بِحَقِّ مُحَمَّدٍ نَبِيِّكَ ص وَ بِآلِهِ الطَّاهِرِينَ وَ أَتَوَسَّلُ إِلَيْكَ بِالْأَئِمَّةِ الَّذِينَ اخْتَرْتَهُمْ لِسِرِّكَ وَأَطْلَعْتَهُمْ عَلَى وَحْيِكَ[١٠].

---

[٩]. بحارالانوار: ج، ٩٨، ص، ١٦٨

اي منهنجا الله! آئون توکان تنهنجي رسول حضرت محمد صلیٰ الله عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جي پاڪ و پاڪيزه آل جي صدقي ۾ سوال ڪيان ٿو ۽ توکان ان امام عليہ السلام جي وسيلي سان توسل ڪيان ٿو جنهن کي تون پنهنجي رازن لاءِ انتخاب ڪيو ۽ پنهنجي وحِي سان آگاهہ ڪيو.

مذهب اهل بيت عليهم السلام جا پيروڪار نہ رڳو انهن شخصيتن کي خدا جي بارگاهہ ۾ پنهنجو وسيلو ۽ شفيع قرار ڏيندا آهن ۽ توسل جي ذريعي سان اهل بيت عليهم السلام جي توجهہ ۽ عنايت حاصل ڪندا آهن بلڪہ انهن هستين جي پاڪ نالن سان توسل ڪندي انهن جي پاڪ نالين کي خدا جي بارگاهہ ۾ تقرب جو وسيلو سمجهندا آهن.

اسان امام رضا عليہ السلام جي زيارت ۾ پڙهندا آهيون:

السَّلَامُ عَلَى مَنْ أَسْمَاؤُهُمْ وَسِيلَةُ السَّائِلِينَ وَهَيَاكِلُهُمْ أَمَانُ الْمَخْلُوقِينَ وَ حُجَجُهُمْ إِبْطَالُ شُبَهِ الْمُلْحِدِين.....[11].

---

[10]. بحارالانوار: ج، ٩٥، ص، ٢٣٠

[11]. بحارالانوار: ج، ٩٩، ص، ٥٢

انهن تي سلام هجي جن جا پاڪ نالا گهرڻ وارن لاءِ وسيلو آهن ۽ جن جو جسم مبارڪ مخلوقات جي لاءِ امان آهي ۽ جن جو استدلال ملحدين (انڪار) جي شبهات کي باطل ڪرڻ وارو آهي.

ان بناء تي انهن هستين جا پاڪ نالا خدا جي بارگاهه ۾ قرب ۽ ويجهڙيءَ جو ذريعو آهن ان ڪري ئي محبان اهل بيت عليهم السلام انهن جي ياد ۾ برپا ٿيندڙ مجلسن ۾ انهن جي پاڪ نالن جو ذڪر ڪندا آهن ۽ انهن جي (ذڪر) ورد جي ذريعي پنهنجي دلين کي منور ڪندا آهن.

اسان جا بزرگ نہ رڳو انهن معصوم هستين جي پاڪ نالن کان مستفيد ٿيندا آهن بلڪ انهن جي مقدس روضن جي تربت کي بہ تبرڪ طور تي استفادو ڪندي پنهنجي دردن جي دوا ڪندا آهن.

مرحوم محدث قمي (ره) لکي ٿو تہ: مرحوم آيت الله نعمت الله جزائري (ره) پنهنجي پڙهائي واري پهرين زماني ۾ غربت جي ڪري مطالعہ ڪرڻ لاءِ ڏيئي ٻارڻ جي بہ طاقت نہ رکندو هو. ان ڪري چنڊ جي روشنيءَ ۾ پڙهندو هو. چنڊ جي روشني ۾ گهڻو مطالعو ڪرڻ جي ڪري اکين جو نور گهٽ ٿي ويو هيس. پاڻ سندس نور جي لاءِ حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ عراق ۾ دفن ٻين امامن جي روضن جي

پاڪ مٽي ڪي پنهنجين اکين ۾ سرمي طور استعمال ڪندا هئا جنهن جي برڪت سان سندس اکين جو نور بلڪل صحيح ٿي ويو.

ان کان بعد مرحوم قمي (ره) لکي ٿو تہ: جڏهن بہ منهنجون اکيون گهڻي لکڻ ۽ پڙهڻ ڪري ڪمزور ٿي وينديون هيون تہ آئون بہ آئمہ اطهار عليهم السلام جي حرم مبارڪ کان استفادو ڪندو هيس ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهل بيت عصمت عليهم السلام جي حديثن ۽ روايتن کي پنهنجي اکين سان مس ڪندو هيس، ۽ هاڻي الحمد لله منهنجي اکين جو نور بلڪل صحيح آهي ۽ آءُ اميد ڪيان ٿو تہ دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجون اکيون انهيءَ برڪت سان سدائين روشن رهنديون[12].

## توسل خدا جي بارگاهہ ۾ قرب جو وسيلو:

اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪرڻ خدا جي بارگاهہ ۾ انسان جي عزت ۾ واڌاري جو سبب ٿيندو آهي ۽ خدا جي بارگاهہ ۾ تقرب جو ذريعو آهي. ان ڪري ئي اسان پنهنجي ڪجهہ دعائن ۾ خدا کان سوال ڪندا آهيون تہ اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪرڻ جي ڪري اسان کي پنهنجي بارگاهہ ۾ عزت وارو قرار ڏي ۽ پنهنجو قرب وارو مقام عطا فرماءِ.

[12]. فوائد الرضويہ، محدث قمي: ص، ٦٩٥.

حضرت امام زين العابدين عليہ السلام پنهنجي هڪ دعا انجيليہ ۾ فرمائن ٿا:

اللَّهُمَّ فَصَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَأَهْلِ بَيْتِهِ الطَّاهِرِينَ وَاجْعَلْنِي بِحُبِّهِمْ يَوْمَ الْعَرْضِ عَلَيْكَ نَبِيهاً وَمِنَ الْأَنْجَاسِ وَالْأَرْجَاسِ نَزِيهاً وَبِالتَّوَسُّلِ بِهِمْ إِلَيْكَ مُقَرَّباً وَجِيها[١٣].

اي الله! دردو ۽ سلام محمد صلیٰ الله عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جي پاڪ اهل بيت عليهم السلام تي نازل فرماء ۽ مونکي انهن سان محبت ڪرڻ جي ڪري قيامت جي ڏينهن عزت وارو قرار ڏي ۽ نجاستن ۽ پليتين کان پاڪ و پاڪيزه رک ۽ انهن سان توسل ڪرڻ جي ڪري پنهنجي نزديڪ مان ۽ عزت وارو قرار ڏي.

## توسل دعائن جي قبول ٿيڻ جو ذريعو:

پاڻ سڳورن صلیٰ الله عليہ وآلہ وسلم امام علي عليہ السلام کي فرمايو:

يَا عَلِيُّ مَنْ تَوَسَّلَ إِلَى اللهِ بِحُبِّكُمْ فَحَقٌّ عَلَى اللهِ أَنْ لَا يَرُدَّهُ يَا عَلِيُّ مَنْ أَحَبَّكُمْ وَتَمَسَّكَ بِكُمْ فَقَدْ تَمَسَّكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقَى[١٤].

---

[١٣]. بحارالانوار: ج، ٩١، ص، ١٦٧

[١٤]. بحارالانوار: ج، ٣٦، ص، ٣٠١

ياعلي! جيڪو بہ تنهنجي جي خاندان جي محبت جي وسيلي سان خدا جي بارگاهہ ۾ توسل ڪندو تہ خدا تي اهو حق آهي تہ ان کي رد نہ ڪري. يا علي! جيڪو بہ تو سان محبت ڪندو هجي ۽ تون جي خاندان سان توسل ڪندو هجي تہ ڄڻ ان مضبوط رسي کي روتو آهي.

**توسل ۾ اعتقادي مسئلا:**

جيڪو بہ اهل بيت رسول عليهم السلام سان توسل ڪندو ڄڻ تہ ان ضروري اعتقادي مسئلن تي پنهنجي ايمان جو اظهار ڪيو آهي ۽ انهن مسئلن کي قوت بخشي آهي.

١_ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وڃڻ ڪانپوءِ اهل بيت عليهم السلام جي زندگي جو عقيدو رکڻ:

الله سائين جو ارشاد آهي:

﴿وَلاتَحْسَبَنَّ الَّذينَ قُتِلُوا في سَبيلِ اللّهِ أَمْواتاً بَلْ أَحْياءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُونَ[١٥]﴾

خدا جي راهہ ۾ قتل ٿي وڃڻ وارن کي مرده نہ سمجهون بلڪ اهي زنده آهن ۽ پنهنجي پالڻهار وٽان رزق وٺي رهيان آهن.

٢_ معصومين عليهم السلام جي علم ۽ آگاهي رکڻ تي عقيدو رکڻ تہ انسان دنيا جي ڪهڙي بہ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندو هجي. اهو انهن هستين

---

[١٥]. سوره آل عمران آيت ١٦٨

سان توسل ڪري سگهي ٿو، ۽ اهي هستيون سيني انسانن جي حاجتن کان آگاهه آهن، ڇاڪاڻ ته اهل بيت عليهم السلام  سان توسل ڪرڻ انهي صورت ۾ صحيح ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان اهو عقيدو رکندا هجون ته اسان جنهن هنڌ تان به انهن کي پڪاريون اهي اسان جي حاجتن کان پوري طرح آگاهه آهن.

٣_ خدا جي طرف کان معصومين عليهم السلام  جي ولايت ۽ قدرت جو عقيدو رکڻ:

هي هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن جي ضمن ۾ اسان پنهنجي باطني ايمان ۽ عقيدي جو اظهار ڪندا آهيون، ڇاڪاڻ ته عقل جي لحاظ کان ان ئي شخص کان مدد گهرڻ صحيح آهي جيڪو مدد ڪرڻ ۽ سهاري ڏيڻ جي قدرت رکندو هجي. انهن هستين سان اسان جي توسل ڪرڻ جي معنىٰ هي آهي ته اسان ان حقيقت کان آگاهي رکون ٿا، ان تي اعتقاد رکون ٿا ۽ ان تي ناز ڪيون ٿا جهڙوڪ آسماني مخلوق انهن تي ناز ۽ فخر ڪندي آهي.

رسول خدا صلىٰ الله عليه وآله وسلم  حضرت علي عليه السلام  کي فرمايو:

يَا عَلِي يَتَفَاخَرُونَ أَهْلَ السَّمَاءِ بِمَعْرِفَتِكَ وَيَتَوَسَّلُونَ إِلَى اللهِ بِمَعْرِفَتِكَ وَانْتِظَارِ أَمْرِكَ[١٦].

ياعلي! آسمان واري مخلوق تنهنجي معرفت تي فخر ڪري ٿي، تنهنجي معرفت ۽ تنهنجي امر جي انتظار ذريعي ئي خدا سان توسل ڪري ٿي.

ان بناء تي آسمان وارن جي معرفت، فخر ۽ آسمان تي رهڻ وارن جو انتظار ان جي توسل جي سبب ئي آهي.

جي هان! ايستائين جو آسماني مخلوق بہ ان ڏينهن جو انتظار ڪري رهي آهي جنهن ڏينهن سموري ڪائنات تي حضرت اميرالمومنين علي ابن ابي طالب عليهما السلام جي ولايت جو پرچم بلند هوندو ۽ حضرت امام مهدي (عج) جي دست قدرت سان ڪابہ طاغوتي ۽ شيطاني طاقت بچي نہ سگهندي. ان ڏينهن ڪنهن بہ گهر ۾ غم ۽ غربت نہ هوندي ۽ پوري ڪائنات ۾ اهل بيت عليهم السلام جي معرفت جي پرچار هوندي.

---

[١٦]. بحارالانوار: ج، ٤٠، ص، ٦٤

## توسل جي باري ۾ ڪجھ بنادي نڪتہ:

جيڪو اهل بيت عليهم السلام سان توسل جي ذريعي غيب جي قدرت حاصل ڪرڻ چاهيندو هجي يا هي چاهيندو هجي تہ انهن سان توسل ڪرڻ هميشہ فائديمند رهي تہ ان کي گهرجي تہ سڀ کان پهريان توسل جي اصلي (بنيادي) نڪتن ۽ ان جي شرطن ڏانهن مڪمل توجھ ڪري، ڇاڪاڻ تہ ان جا ڪيترائي اثر آهن. توسل ڪرڻ وقت انهن جي رعايت ڪري تہ جئين آخرت ۾ ثواب ۽ معنويت حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ دنيا ۾ بہ انهن جو نتيجو حاصل ڪري سگهي. ۽ جنهن حاجت جي حاصل ڪرڻ لاءِ توسل ڪيو اٿس ان حاجت کي حاصل ڪري سگهي. پر جيڪڏهن انهن نڪتن جو ڪو خيال نہ رکيو وڃي تہ جيتوڻيڪ ثواب ۽ معنوي اجرت ملي ويندي پر ٿي سگهي ٿو تہ ڪجھ حاجتون حاصل نہ ٿي سگهن ۽ پنهنجي مقصد تائين نہ پهچي سگهي.

هاڻي توسل جي اثرن کي ظاهر ڪرڻ واري شرطن ڏانهن توجھ ڪريو:

دل جي پاڪيزگي.اندروني پاڪائي ۽ دل جي طهارت معنوي اثرن جي طرف توجھ ڪرڻ جي اهم شرطن منجهان هڪ هي آهي. تہ نہ رڳو توسل ۾ بلڪہ دعائن ۽ مناجات ۾ بہ دل جو روحاني بيمارين کان پاڪ هجڻ پڻ ضروري آهي. ان ڪري جو اولياءِ خدا ۽ خدا جي بارگاھ ۾ قرب رکڻ وارين شخصيتن سان توسل ڪرڻ ۽ دعائون ۾ بي حد اثر

ٿئي ٿو. ۽ ان کان بهترين نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا، ۽ سٺي ڪردار نہ رکڻ واري افراد سان توسل ڪرڻ ۾ اهو سڀ ڪجهہ نٿو حاصل ٿي سگهي. ان ڪري تہ اسان ڪيترن ئي جڳهن تي مشاهدو ڪندا آهيون تہ انهن سان توسل ڪرڻ جو ڪو بہ نتيجو حاصل نہ ٿيندو آهي يا جئين حاصل ٿيڻ گهرجي ائين حاصل نہ ٿيندو آهي.

مستجاب الدعواة (اهي ماڻهون جن جي دعا قبول ٿيندي آهي) دعائون قبول ٿيڻ جي مهم رازن منجهان هڪ راز انهن جي نفس جو پاڪ و پاڪيزه هجڻ آهي. انهن جي نفس جو پاڪ و پاڪيزه هجڻ ان شيءِ جو سبب ٿيندو آهي تہ انهن جون دعائون ۽ توسلَ، شخصي اغراض و مقاصد کان پاڪ آهن.

نہ وڻندڙ اخلاق ۽ روحاني بيماريون انسان جي روح کي وڪوڙي ڇڏينديون آهن جنهن جي ڪري انسان جو روح ترقي ڪرڻ کان بيوس ٿي ويندو آهي، پر خدا جا حقيقي ٻانها روح جي ان مضبوط زنجيرن کي ٽوڙي پنهنجي پاڻ کي آزادي بخشيندا آهن ان ڪري ئي ڪڏهن بہ انهن جون دعائون ۽ توسلَ ظاهر ۽ خود نمائي جي بنياد تي قائم نہ هوندا آهي ۽ اهي انهن گناهن ڪرڻ کان بہ پرهيز ڪندا آهن جيڪي گناهہ انسان جي روح کي بيمار بڻائڻ جا سبب ٿيندا آهن. ان ڪري ئي پنهنجي توسلن ۾ هميشہ ڪاميابي حاصل ڪندا آهن.

جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪري غيبي طاقتن کان استفادو ڪريو، ۽ توهان جا توسلَ بہ فائديمند هجن تہ توهان کي دل جي پاڪيزگيءَ جهڙي مهم نڪتہ ڏانهن توجه ڪرڻي پوندي.

پنهنجي باطن منجهان عيبن ۽ ريبن کي پاڪ ڪندي پنهنجي رستي تان ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن کي صاف ڪري ڇڏيو، ۽ ان ڪانپوءِ خدا جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙي صراط مستقيم تي راهي ٿي وڃون.

ان بناء تي پنهنجي حياتي ۾ هن حساس نڪتہ کان غافل نہ رهو ۽ پنهنجي قيمتي زندگيءَ کي باطني ۽ معنوي بيمارين جي ڪري ضايع نہ ڪريو!

جيڪڏهن توهان پنهنجي باطن کي صاف ڪري ڇڏيو آهي سمجهو تہ توهان جي هٿ ۾ ڪاميابي جي ڪونجي آهي جنهن کان توهان پنهنجي دعائن ۽ توسلن ۾ استفادو ڪري سگهو ٿا.

## توسل ڪرڻ ۾ توجه ۽ فڪر جو خاص خيال رکڻ:

هر عبادت جي انجام ڏيڻ وقت خاص فڪر ڪرڻ، توجه ۽ مڪمل دقت ان جي اثرن ۾ وڌيڪ اضافي جو سبب ٿيندي آهي. هاڻي

اسان جيڪو واقعو توهان جي سامهون بيان ڪري رهيان آهيون اهو دعا ۽ توسل ڪرڻ وقت توجهه ڪرڻ جي اهميت لاءِ دليل آهي.

هڪ شخص جو خدا جي هڪ وليءَ سان واسطو هيو. ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو شخص ان ولي الله کان ماضي ۽ مستقبل جو حال پڇي وٺندو هيو. ان وليءَ جي سچائي ان شخص وٽ ثابت هئي. مون ان شخص کان سوال ڪيو ته اهو ان مقام تائين ڪئين پهتو آهي ۽ اهو جيڪي راز بيان ڪري ٿو اهو پاڻ انهن کي ڪئين ڄاڻي ٿو؟؟.

ان فرمايو: ته اهو شخص پهريان منهنجي شاگردن منجهان هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مون کان ڪجهه ذڪرَ ياد ڪري انهن کي انجام ڏيندو هيو. جيتوڻيڪ هو انهن ذڪر کي گهڻي دير تائين انجام نه ڏيندو هو چاڪاڻ ته اهي ذڪر طولاني ۽ دعائون نه هياءِ پر ان شخص جي هڪ عادت هوندي هئي جنهن ڪري ان اها ترقي ڪئي ۽ هاڻي اهو منهنجو استاد آهي. هاڻي آئون ان کان پنهنجي رازن جي باري ۾ پڇندو آهيان ۽ هو انهن جا صحيح جوابَ ڏيندو آهي. جڏهن ته هر پيري منهنجي پڇڻ کان پهريان ئي منهنجي سوالن جا جواب ٻڌائي ڇڏيندو هو جن جي باري ۾ آئون سوال ڪرڻ چاهيندو هيس.

روري هن فرمايو: ان جي هي ٻه خاصيت هوندي هئي ته ان کي جيڪو ٻه دعا ۽ ذڪر ٻڌايو ويندو هيو هو انهن کي پوري توجهه سان انجام

ڏيندو هو. هو پنهنجي توجهه ۽ حضور قلب جي حالت جي ڪري ئي ان مقام تائين پهتو آهي.

هاڻي توهان حضرت علي عليہ السلام جي هن مختصر ۽ پر عظيم ڪلام ڏانهن توجهه ڪريو. پاڻ فرمائن ٿا:

الدِّقَّةُاسْتِكَانَة[١٧].

مڪمل توجهه ڪرڻ ئي نوڙت آهي.

جيڪو خدا ۽ اهل بيت عليهم السلام جي سامهون نوڙت ڪندو آهي، خدا ان کي بلند ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جيڪي بہ ڪم ناممڪن هوندا آهن خدا انهن کي ان جي لاءِ ممڪن ڪري ڇڏيندو آهي. جي هان! مڪمل توجهه ڪرڻ سان خدا نا ممڪن کي بہ توهان لاءِ ممڪن ڪري ڇڏيندو آهي ۽ توهان کي اهڙن بلند مقامات تائين پهچائي ڇڏيندو آهي جن کي توهان ناممڪن يا وري محال سمجهندا آهيون. جهڙي طرح هڪ عام شخص (جنهن جي واقعي ڏانهن اسان اشارو ڪيون ٿا) جيڪو دعا ۽ توسل جي وقت توجهه جي ڪري عالم غيب سان رابطي جهڙي مقام تائين پهچي ويو،

ان ڪري امام جعفر صادق عليہ السلام فرمائن ٿا:

[١٧]. بحارالانوار :ج، ٦٦، ص، ٣٧٩

فَإِذَا دَعَوْتَ فَأَقْبِلْ بِقَلْبِكَ ثُمَّ اسْتَيْقِنِ الْإِجَابَةَ[۱۸].

جڏهن به دعا گهرو ته توجه ۽حضور قلب جي حالت ۾ دعا گهرو. پوءِ توهان کي ان جي قبوليت جو يقين ٿي ويندو.

دعا ۽ توسل ۾ توجه ۽ حضور قلب ائين مفيد آهي جو امام جعفر صادق عليہ السلام فرمائن ٿا ته: توجه جي حالت ۾ دعا گهرڻ کانپوءِ توهان ان دعا جي قبوليت جو يقين ڪري ڇڏيو!.

ان بناء تي باطني طهارت ۽ پاڪيزگيءَ کانپوءِ دعائن ۽ توسل ۾ فڪر جو خاص خيال رکڻ ۽ حواس جي توجه جو مسئلو گهڻو مهم ۽ اثر جو حامل آهي.

جهڙي طرح توجه کان سواءِ عبادتن جو ڪو اهم اثر ظاهر نه ٿيندو آهي اهڙي طرح انهن دعائن ۽ توسلن جو ڪو به اثر ظاهر نه ٿيندو آهي جن ۾ توجه نه ڪئي وڃي ۽ اهو انسان کي پنهنجي مقصد ۽ حاجت تائين پهچڻ نه ڏيندو آهي.

اهوئي توسل مڪمل اثر رکندو آهي جنهن ۾ توجه موجود هجي چاڪاڻ ته توسل ان ئي صورت ۾ خدا ۽ اهل بيت عليهم السلام سان قائم ڪري سگهي ٿو جڏهن اهو توجه سان هجي ۽ پاڪ دل کان

---

[۱۸]. بحارالانوار ؛ج، ۹۰، ص، ۳۰۵

ٻاهر نڪري. اهڙن توسلن جي نتيجي ۾ انسان جا بند رستا بہ کلي پوندا آهن ۽ بند دروازا بہ کلي پوندا آهن. جڏهن انسان جو خدا ۽ اهل بيت عليهم السلام سان توسل قائم ٿي وڃي تہ ڪا بہ دعا پوري ٿيڻ کانسواءِ باقي نٿي رهي سگهي.

ان بنا تي جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ توهان جا توسلَ جلدي پنهنجو اثر ظاهر ڪن ۽ انهن جو پلو نتيجو بہ ظاهر ٿئي تہ پنهنجي پاڻ کي ٿاهڻ کان علاوه توسل جي وقت توهان جي توجهہ ڪنهن ٻئي پاسي نہ هجڻ گهرجي بلڪہ مڪمل توجهہ ۽ غور و فڪر سان اهل بيت عليهم السلام جي دامن کي پڪڙيندي پنهنجي حاجتن جي پوري ٿيڻ لاءِ وسيلو قرار ڏيو.

ان جي باري ۾ رسول خدا صليٰ الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمائن ٿا:

نَحْنُ الْوَسِيلَةُ إِلَى اللهِ[١٩].

اسان ئي خدا جي طرف وسيلو آهيون.

جي هان! هر بلند فڪر ۽ روشن دل انسان جو اهوئي عقيدو آهي تہ اهل بيت عليهم السلام ان جي پناهہ گاهہ ۽ خدا جي طرف ان جو وسيلو آهن.

---

[١٩]. بحارالانوار :ج، ٢٥، ص، ٢٢

حضرت امام حسين عليہ السلام جي هڪ زيارت ۾ بيان ٿيو آهي:

بِكُمْ يَا آلَ مُحَمَّدٍ أَتَوَسَّلُ الْآخِرَ مِنْكُمْ وَالْأَوَّلَ[۲۰].

اي آل محمد عليهم السلام ! توهان جي وسيلي سان ئي اسان توسل ڪندا آهيون، توهان منجهان پهرين کان آخريءَ تائين.

اسان انهن معصوم هستين سان ڪڏهن ڪڏهن نہ بلڪ هميشہ پنهنجي حاجتن ۽ مشڪلن ۾ توسل ڪندا آهيون.

۽ اسان اهڙي طرح زيارت جامعہ ڪبيره ۾ بہ پڙهندا آهيون:

مَنْ قَصَدَهُ تَوَجَّهَ بِكُمْ[۲۱].

جيڪو خدا جو قصد ڪندو، اهو توهان جي طرف متوجهہ ٿي ويندو آهي.

گذريل ڳالهين مان هي واضح ٿيو آهي تہ پنهنجي حاجت ۽ آرزو جي پوري ٿيڻ جي لاءِ دل جي پاڪيزگيءَ کانسواءِ توجهہ، سوچ ۽ فڪر جو خاص خيال رکڻ ضروري آهي. ان بنا تي ”باطني طهارت ۽ فڪري توجهہ“ توسل جي اثرن کي ظاهر ڪرائڻ لاءِ بہ اهم رستا آهن. ان بنا تي دقت (توجهہ) ڪريو تہ توسل جي ڪيتري عظمت آهي؟ ۽ توسل ڪرڻ واري جي روحاني ڪيفيت ڪهڙي هجڻ گهرجي؟.

---

[۲۰]. بحارالانوار ؛ج، ۹۸، ص، ۲۲۷

[۲۱]. من‌لايحضره‌الفقيہ؛ ج،۲، ص، ٦١٥

جيڪڏهن ڪو شخص وهابين ۽ مغرور ماڻهن وانگر توسل کي اهميت نہ ڏي تہ اها ان جي باطل سوچ، تنگ نظري ۽ ان جي لاعلمي جي ڪري آهي، جيڪڏهن ڪو شخص هي ڄاڻيندو هجي تہ توسل ڇا آهي؟ ۽ توسل ڪهڙي بنيادن تي قائم آهي؟ تہ هو انسان جي بهترين روحاني حالتن جو انڪار نٿوڪري سگهي ٿو ۽ ڪهڙي طرح عظيم روحاني خزاني جو انڪار ڪري سگهي ٿو؟.

هڪ مفڪر انسان پرڪشش ۽ روحاني حالات کي رڳو ان بنا تي رد ڪري تہ اهو پاڻ انهن کي حاصل نٿو ڪري سگهي. اهو ڪهڙو انصاف آهي؟.

## توسل ۾ يقين جو ڪردار:

شڪ کي ختم ڪري يقين کي حاصل ڪرڻ ان مهم مسئلن منجهان آهي جنهن ۾ دل جي پاڪيزگيءَ وارو بحث شامل آهي. پر اسان ان جي بيحد اهميت ڪري ان جي هتي وضاحت ڪيون ٿا ۽ ان ۾ واڌاري ڪرڻ جا طريقا بہ بيان ڪيون ٿا:

اهل بيت عليهم السلام جي لطف ۽ ڪرم سان توسلن ۾ اعتقاد ۽ يقين گهڻي اهميت جو حامل آهي. جيڪڏهن اسان کي توسلن ۾ انهن بابرڪت هستين جي عنايت جو يقين ٿي وڃي تہ اسان آسانيءَ سان

پنهنجي مقصد تائين پهچي سگهون ٿا ۽ پنهنجون حاجتون پوريون ڪرائي سگهون ٿا.

انهن هستين جي لطف ۽ ڪرم سان اعتقاد ۽ يقين جا اثر ايترا تہ گهڻا آهن جو ڪيترن ئي موردن ۾ پنهنجي حاجت ۽ مقصدن تائين پهچڻ وارا ماڻهون پاڪيزه دل جا مالڪ نہ هوندا آهن پر انهن جو يقين ان ڪميءَ کي پورو ڪري ٿو. جيتوڻيڪ انهن جي دل گناهن کان پاڪ نہ هوندي آهي پر انهن جو اهل بيت عليهم السلام جي عنايتن تي يقين انهن جي توسلن جي نتيجي تائين پهچڻ جو سبب بڻجي ٿي.

هن ڪتاب جي ليکڪ جو چوڻ آهي تہ آئون ١٣٤٨ شمسي هجري ۾ ڪجهہ مهينن لاءِ زيارتن ڪرڻ جي توفيق حاصل ٿي ۽ آئون حضرت ابا الفضل العباس عليہ السلام جي حرم مبارڪ ۾ اڪثر بيمارن جي شفاياب ٿيڻ ۽ ماڻهن جي حاجتن جي پوري ٿيڻ جو عيني گواه آهيان.

ڪڏهن ماڻهون پنهنجي مريض کي حضرت عباس عليہ السلام جي ضريع مبارڪ سان ٻڌي ڇڏيندا هئا هڪ ڪلاڪ کان پهريان ئي انهن جي حاجت پوري ٿي ويندي هئي ۽ جڏهن انهن جي حاجت پوري ٿي ويندي هئي تہ عرب جون عورتون پنهنجي رسم و رواج جي مطابق خوشيءَ جو اظهار ڪندي ضريح ۽ زائرن جي مٿان خشڪ ميون جي

بارش ڪنديون هيون ۽ حرم جي فضا ۾ خوشيءَ جا نعرا لڳڻ شروع ٿي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اهي گهڻو شڪريي جو اظهار ڪندي عراق ۾ رائج پئسا به گهور ڪنديون هيون.

سندن اعتقاد ۽ يقين ان حد تائين هيو جو پاڻ سان گڏ پئسا ۽ خشڪ ميوا گهور ڪرڻ لاءِ ڪٽي ايندئيون هيون ۽ جئين ئي مريض کي شفا ملي ويندي هئي اهي ترت هنگامو ڪندي، خشڪ ميوا ۽ پئسا گهوريندئيون هيون. ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندي چونديون هيون. ”ابو فاضل لشکرک“ هڪ ڏينهن اهي عرب ڪنهن ديواني جوان کي حرم ۾ وٺي آيا ۽ انهن ان کي ٽي ڏينهن ضريح سان ٻڌي ڇڏيو. ان جا رشتيدار ان جوان جي چوڌاري موجود هئا. هي وڏي تجب جي ڳالهه هئي ته چو ايتري وقت گذري وڃڻ ڪانپوءِ به حاجت پوري نه ٿي آهي!.

هڪ بيمار جو ٽن ڏينهن تائين شفاياب نه ٿيڻ اسان جي لاءِ تعجب جي ڳالهه هئي ان ڪري ته اڪثر ڪري ائين نه ٿيو هو؛ ڇاڪاڻ ته حضرت عباس عليه السلام سان توسل ڪرڻ وارن جو عجيب اعتقاد هو ۽ ان جي لاءِ گهڻي وقت جي ضرورت نه هئي. اهي پنهنجي پوري يقين سان اظهار ڪندا آهن:

”ابو فاضل باب الحوائج“ ۽ حضرت عباس عليہ السلام بہ انهن جون حاجتون پوريون ڪندو هو ڇاڪاڻ تہ اهي حضرت عباس عليہ السلام جي لطف ۽ ڪرم تي پورو يقين رکندي حضرت سان توسل ڪندا هئا.

ان ڳالهہ کي بيان ڪرڻ جو هي مقصد هو تہ توسلات ۾ ڪجهہ ٻيون شيون بہ آهن جيڪي دل جي پاڪيزگيءَ جي جڳهہ وٺنديون آهن. اهل بيت عليهم السلام جي لطف ۽ ڪرم جي موقعي تي ۽ ٻين موقعن ۾ ماڻهن جو يقين ۽ اعتقاد انهن هستين جي عنايتن جو سبب ٿيندو آهي.

## معرفت، انسان جي يقين ۾ واڌاري جو سبب آهي:

اهل بيت عليهم السلام جي قدرت جي سلسلي ۾ يقين حاصل ڪرڻ انهن هستين جي معرفت جو ٻيو نالو آهي. انهن جي ذريعي حاجتن جي پوري ٿيڻ جو يقين حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جي باري ۾ پنهنجي معرفت ۾ واڌارو ڪندي لازمي ۽ ضروري تہ ڄاڻ حاصل ڪريو جيڪا اسان سيني تي واجب آهي.

مرحوم محدث قمي (رہ) اهل بيت عليهم السلام جي معرفت رکندا هئا. پاڻ سندس توسلات جو هڪ بهترين نمونو مرحوم علامہ

سيد عبد الله شبر (ره) جو هڪ بهترين واقعو بيان ڪري ڪانپوءِ ذڪر ڪن ٿا ته:

مرحوم عبد الله شبر (ره) بزرگ عماءِ منجهان هئا اهي پنهنجي گهڻي تاليفات جي ڪري پنهنجي زماني ۾ مجلسي ثاني جي نالي سان مشهور هئا. هڪ ڏينهن علامه محقق ۽ مرحوم شيخ اسد الله (صاحب ڪتاب مقابس الانوار) مرحوم عبد الله شبر (ره) سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ويا ۽ مرحوم شبر جي گهڻي تاليفات ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا چاڪاڻ ته ان جي مقابلي ۾ انهن جي تاليف بلڪل گهٽ هئي. جڏهن ته اهي هڪ وڏي علمي شخصيت جا مالڪ هئا.

انهن ٻنهي مرحوم عبد الله شبر (ره) کان گهڻي تاليفات ڪرڻ جي باري ۾ سوال ڪيو ته مرحوم شبر جواب ڏيندي فرمايو: مون کي گهڻن ڪتابن لکڻ جي توفيق حاصل ٿيڻ جي علت امام موسىٰ ابن جعفر عليهما السلام جي خاص عنايت جي ڪري آهي. چاڪاڻ ته مون امام کي خواب ۾ ڏٺو ۽ کيس مون کي هڪ قلم عطا ڪندي فرمايو: لک. ان وقت کان وٺي آئون تصنيف ۽ تاليف ۾ ڪامياب آهيان. بس مون جيڪو ڪجهه ۾ تحرير ڪيو آهيا هو سڀ ان مبارڪ قلم جي برڪت آهي.

مرحوم محدث قمي (ره) اهو واقعو بيان ڪرڻ ڪانپوءِ فرمايو:

هيءَ ڳالهہ هن ريت آهي تہ مرحوم عبد الله شبر (ره) فرمايو:
چوجو آءُ جڏهن بہ اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪندو هيس تہ موکي هڪ عظيم توفيق حاصل ٿي ويندي هئي ۽ منهنجو قلم لکڻ لڳندو هو ۽ جڏهن موکي توسل ڪرڻ جي توفيق نہ ملندي هئي تہ ڪيترائي مهينا گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ آئون ڪو ننڍو ڪتاب بہ نہ لکي سگهندو هيس. بس مون جيڪو ڪجهہ بہ لکيو آهي اهو اهل بيت اطهار عليهم السلام جي برڪتن ۽ عنايتن جو نتيجو آهي[٢٢].

## توسل ۾ اضطرار جو ڪردار:

ڪڏهن نا اميدي، پريشاني جي شدت ۽ ثابت قدمي ايتري حد تائين ڪارائتي هوندي آهي جنهن سان تمام روحاني بيمارين ۽ باطني زنجيرن کي ٽوڙي سگهجي ٿو تہ جئين انسان جو روح معنويت جي نوراني فضا ۾ انبياء ۽ اولياء سان گڏ راز ۽ نياز ڪري سگهون.

هي ڄاڻڻ لاءِ تہ ڪهڙي طرح اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪندي بعض گنهگار ماڻهن جون حاجتون پوريون ٿي ويندون آهن ۽ انهن جا گناهہ انهن جي حاجتن جي پوري ٿيڻ جي راهہ ۾ ڪا بہ رنڊڪ

---

[٢٢]. فوائد الرضويہ: ص، ٢٥٠.

نہ ڪندا آهن ۽ اهي ڪئين پنهنجا نيڻ وهائي اهل بيت عليهم السلام ۽ اولياء الله سان توسل ڪري خدا جي توجهه حاصل آهن.

اسان ان جي لاءِ هڪ مثال ذڪر ڪيون ٿا تہ جئين انهن جي توسلن جي رازن تان لٿو لاهي سگهون جيڪي پاڪيزه روح جا مالڪ نہ آهن.

جيڪڏهن ڪنهن خلائي شٽل کي خلا ۾ موڪلڻ چاهيون تہ ان جي لاءِ هڪ طاقتور وسيلي جي ضرورت پوندي آهي جيڪو خلائي شٽل کي فضا کان ٻاهر ڪڍي زمين جي قوت جاذبہ کان بچائي تہ جئين اهو آرام سان خلا ۾ چڪر لڳائي سگهي ڇاڪاڻ تہ جيستائين ان کي زمين جي قوت جاذبہ کان ٻاهر نہ ڪڍيو ويندو ايستائين زمين جي قوت جاذبہ ان کي پنهنجي طرف ڇڪيندي ۽ ان جي پراز جي طاقت گهٽ ٿي ويندي. قوت جاذبہ کان ڪڍڻ لاءِ ان خلائي شٽل ۾ ايتري طاقت هجڻ گهرجي تہ اهو زمين جي قوت جاذبہ واري قيد کان نڪري آزاد ٿي وڃي.

معنوي ۽ روحاني مسئلن ۾ بہ ان جي مثال موجود آهي ڇاڪان تہ گناهہ انسان جي روحاني سير ۽ معنوي نتيجن تائين پهچڻ لاءِ رڪاوٽ بڻجي ويندا آهن ۽ جهڙي طرح زمين جي قوت جاذبہ ان خلائي شٽل کي پنهنجي طرف ڇڪيندي آهي اهڙي طرح گناهگار انسان جا

گناھ بہ ان کي روحاني پرواز ڪرڻ کان روڪيندا آھن ۽ گناھن جي جاذبيت ان کي پنھنجي طرف ڇڪيندي آھي. پر ڪڏھن پريشانيون ۽ مصيبتون ايتريون تہ گھٽيون ٿي وينديون آھن جو پيريشانين ۽ مصيبتن جي گھٽائي انسان جي گناھن جي جذابيت کان نجات ڏئي ڇڏيندي آھي. جيتوڻيڪ ان جو باطن بيمارين ۽ گناھن سان ڀريل آھي پر ان جي ھوندي بہ گناھن جي قوت جاذبہ کان آزادي حاصل ڪرڻ جي ڪري ڪاميابي تائين پھچي ويندو آھي.

ان ڪري توسلات ۾ جلدي ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ انسان کي گھرجي تہ اھو پنھنجي باطن کي پاڪ ۽ صاف ڪري تہ جيئن گذريل گناھن جي قوت نست نابود ٿي وڃي ۽ اھي ان کي پرواز ڪرڻ کان نہ روڪي سگھن يا انسان تي ايتريون پريشانيون ھجن تہ جھڙي طرح خاص مشين خلائي شٽل کي زمين جي قوت جاذبہ کان ڪڍي خلا تائين پھچائيندي آھي اھڙي طرح انسان تي پريشانين ۽ مصيبتن جي شدت ايتري گھٽي ٿي وڃي جو ان کي گناھن جي قيد ۽ انھن جي قوت جاذبہ کان ٻاھر ڪڍي آزاد ڪري اھڙي صورت ۾ ھو اھل بيت عليھم السلام جي توجھ ۽ عنايتون حاصل ڪري سگھي ٿو.

ان بناء تي توسلن جا نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪڏھن انسان مرد ميدان وانگر ھمٿ ٻڌي پنھنجي باطن کي صاف ۽ پاڪ ڪري تہ

اهو پنهنجي مقصد تائين پهچي ويندو ۽ اهڙي ريت مشڪلات جي شدت ايتري ٿي وڃي جو انسان ۾ جدائي جي حالت پيدا ڪري ته اهو اهڙي طرح گناهن جي قوت جاذبه کان نجات حاصل ڪري سگهي ٿو جهڙي طرح خلائي شٽل ڪي قوت جي ذريعي زمين جي قوت جاذبه کان پري ڪيو ويندو آهي. ان صورت ۾ ان جو توسل نتيجي واري ٿي سگهي ٿو.

## حضرت عباس عليه السلام جي حرم ۾ پريشان عورت:

جڏهن پريشانيءَ ۽ بي چينيءَ جي ڪري اميدون جواب ڏئي وڃن ته ان وقت اهل بيت عليهم السلام سان توسل جلدي اثرائتو ٿيندو آهي.

ان ڪري مذهب اهل بيت عليهم السلام جا پيروڪار ۽ محب پريشانين ۽ مصيبتن ۾ انهن ئي هستين سان توسل ڪندا آهن ۽ انهن جي توسل سان پنهنجين مشڪلاتن کي آسان ڪندا آهن. هاڻي اسان انهن توسلن جي هڪ بهترين مثال توهان جي سامهون بيان ڪيون ٿا:

ايران جي شهر قم جو هڪ بزرگ شخص بيان ڪري ٿو: هڪ ڏينهن آئون حضرت عباس عليه السلام جي حرم ۾ زيارت لاءِ مشرف ٿيس. مون اوچتو ڏٺو ته عربن جو هڪ ٽولو هڪ عورت سان گڏ حرم ۾ داخل ٿيو.

ان عورت ضريح کي مضبوطي سان پڪڙيندي وڏي آواز ۾ ڪجھ ڪلما ورد ڪيا جنهن ورد جي ڪري تمام زائر ان ڏانهن متوجھ ٿي ويا. مون غور ڪيو تہ اها عورت ۽ سڀ ماڻهون چپ ٿي ويا جھڙوڪ سيني جو ساھ رڪجي ويو هجي.

اوچتو آواز بلند ٿيو جنهن ڪي سيني ماڻهن ٻڌو ۽ ان آواز جو مضمون هي هيو تہ: ”منهنجو پيءُ منهنجي ماءُ جو شوهر آهي“ هي آواز ان عورت جي پيٽ ۾ موجود ٻار جي هئي. ان ڪانپوءِ حرم جي فضا نعرن سان وڄڻ لڳي. عورتن ان عورت ڏانهن وڌندي وڏي مشڪل سان ان عورت کي ڇڏائي هڪ ڪمري ۾ وٺي آيون جيڪو حضرت عباس عليہ السلام جي حرم جي خادمن جو ڪمرو هو.

ان ڪانپوءِ جڏهن ان ڇوڪري کي اتان وٺي ويا تہ رش گھٽ ٿي وئي ڇو جو آئون حرم جي هڪ خادم جو سڃاڻو هيس ان ڪري آئون ان وٽ ويس ۽ ان خادم کان ان واقعي جي باري ۾ پڇا ڪئي تہ ان جواب ڏنو:

هي ڪربلا جي اطراف ۾ رهڻ وارن عربن جو هڪ قبيلو آهي. انهن هن ڇوڪريءَ جي شادي سندي سوٽ سان ڪرائي هئي، پر ڇو جو نڪاح جي زماني ۾ هي ماڻهون ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي پاڻ ۾ ملڻ کي غلط سمجھندا هيا. ان ڪري جوان لڪي ڪري پنهنجي گھرواريءَ

سان مليو ۽ ان سان تعلقات قائم ڪيا. جنهن جي ڪري اها ڇوڪري اميد واري ٿي وئي ۽ اهو جوان ڊچ جي ڪري ڀڄي ويو ۽ ڇوڪري جي اميد واري زماني تائين ظاهر نہ ٿيو. ڇوڪريءَ جا گهر وارا جڏهن ان ڪان ان حمل جي باري ۾ پڇندا هئا تہ ڇوڪري اهو چوندي هئي تہ آئون پنهنجي شوهر مان اميد واري ٿي آهيان. پر جڏهن قبيلي وارا ان جوان کي ڳولي آيا تہ ان خوف جي ڪري انڪار ڪري ڇڏيو.

ڇوڪري جي مائٽن ڇوڪري کي قتل ڪرڻ جو حڪم صادر ڪري ڇڏيو. ڇوڪري ويچاري واويلا ڪندي چيو تہ مون کو بہ گناهہ نہ ڪيو آهي آئون بي قصور آهيان پر ڪو بہ ان جي ڳالهہ تي ڌيان ڏيڻ وارو نہ هو. آخر ۾ ڇوڪري چوي ٿي تہ: اسان حضرت عباس عليہ السلام وٽ پنهنجو فيصلو ڪٽي هلون ٿا جيڪو حضرت عباس عليہ السلام فيصلو ڪيو اسان ان تي عمل ڪنداسين. ان ڪري هو حرم پاڪ ۾ آيا ۽ حضرت عباس عليہ السلام جي موجزي جي سبب ماءُ جي پيٽ ۾ موجود ٻار پنهنجي ماءُ جي وڪالت ڪئي تہ منهنجي ماءُ بي قصور آهي[٢٣].

---

٢٣. جامع الدرر: ج،٢، ص، ٤٠٨

هي هزارن معجزن منجهان هڪ ننڍو معجزو آهي جيڪو خاندان رسالت عليهم السلام جي لطف ۽ ڪرم سان ظاهر ٿيو.

**ٻيو نڪتو:**

هڪ ٻيو قابل توجهه نڪتو هي آهي ته ڪجهه توسلن ۾ توسل ڪرڻ وارو نه پاڪ روح جو مالڪ هوندو آهي ۽ نه ئي وري بيقراري، مشڪلاتن ۽ شديد پريشانين جي ڪري ان پنهنجي پاڻ کي گناهن جي جاذبه (ڪشش واري قوّت) کان آزاد ڪيو آهي. پر اهل بيت اطهار عليهم السلام پنهنجي علم ۽ ڄاڻ سان ان جي ماضي يا مستقبل ۾ ڪجهه شين (جيڪي اسان جي نظر ۾ نه آهن) کي ڏسندي اهڙن ماڻهن تي به نظر ڪرم ڪئي آهي جو هڪ اک ڇنڀ ۾ ڏکن ۽ سورن جي پهاڙن کي سرسبز ۽ شاداب باغيچي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته هو هڪ ئي ڪرم واري نظر ۾ ذرّي کي چمڪندڙ سج ۾ تبديل ڪري سگهن ٿا.

به ذرّه گر نظر لطف بو تراب کند
به آسمان رود و کار آفتاب کند

ان نڪته تي غور ۽ فڪر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته انسانن جي هدايت جي لاءِ ولايت ۽ امامت جي ذميداري اهو ئي شخص کڻي سگهي ٿو جيڪو تمام جهتن کان وسيع نظر رکندو هجي ۽ ان تي مڪمل طور

تي مسلط هجي. ان صورت ۾ هو خاڪ جي ذرن کي بہ ناياب موتين ۽ گوهرن ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو نہ فقط خالي دعون سان ڪجھ حاصل ٿيندو آهي.

## عالم غيب کان مدد:

ڪيترن ئي مقامن تي اضطراري مسئلن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ عالم غيب کان مدد وٺڻ ڪانسواءِ ڪا بہ راهہ نہ هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن ڇاڪو هڏيءَ تائين پهچي ويندو آهي تہ تمام مادي وسيلا عاجز ٿي ويندا آهن ان صورت ۾ ڪيئن مادي طاقت کان راهہ حل تلاش ڪئي وڃي جڏهن تہ مادي طاقتون پنهنجي عجز ۽ ناتوانائي جو اظهار ڪري چڪيون آهن.

اهڙن موقعن ۾ مشڪلاتن کي دور ڪرڻ لاءِ عالم غيب کان مدد وٺڻ گهرجي ۽ خدا جي غطيم غيبي طاقتن سان مشڪلاتن کي حل ڪريو.

اهڙن موقعن ۾ اهل بيت عليهم السلام (جيڪي مخلوق تي خدا جا جانشين آهن) جي ذريعي توسل عالم غيب ۾ مدد وٺڻ لاءِ بهترين ذريعو آهي.

اهڙن مقامن ۾ ڪجھ ماڻهو ”ياعلي، ياحسين عليهما السلام“ چوڻ سان يا وري ”ياصاحب الزمان ادرڪني“ چوڻ سان پنهنجي اضطرار ۽ بي

چينيءَ کي ختم ڪندا آهن ۽ انهن جي وسيلي سان خدا سان رابطو پيدا ڪري پنهنجي حاجتن تائين پهچندا آهن.

تا دلي نگيدر، حرف جانسوزي نگويد
حال ما خواهي بيا از گفته ما جستجوکن

ان بناء تي توسل جي معنىٰ خدا سان رابطي لاءِ وسيلو تلاش ڪرڻ، مشڪلن جي حل جي ڳولا ڪرڻ سان گڏوگڏ مادي ۽ معنوي پريشانين جو راهه حل تلاش ڪرڻ. اهل بيت عليهم السلام جا پيروڪار پوري تاريخ ۾ انبياء پيغمبرن کان وٺي ڪري هڪ عام انسان تائين ۽ ابتداءِ خلقت کان قيامت جي ڏينهن تائين خدا جي قرب لاءِ ۽ پنهنجي مشڪلن جي حل جي ڳولا ڪرڻ لاءِ انهن هستين سان توسل ڪندا آهن.

## علمي مشڪلات کي حل ڪرڻ جي لاءِ توسل:

وڏا ماڻهون نامعلوم شيءِ جي ظاهر ڪرڻ ۽ علمي مشڪلات کي حل ڪرڻ لاءِ توسل جو پاسو وٺندا آهن ته جيئن اهل بيت اطهار عليهم السلام جي معنوي فيض سان پنهنجي علمي مشڪلات کي حل ڪري سگهن.

اسان هتي نموني طور مرحوم سيد علي (صاحب شرح ڪبير) جو واقعو ذڪر ڪيون ٿا:

ڪيترائي عرب ۽ عجم علماء ان جا شاگرد ٿي گذريا آهن. هي بزرگ عالم دين، فقہ ۽ اصول ۾ وڏي مهارت رکندو هو پر علم هيئت (آسمانن ۽ تارن جو علم ڄاڻيندڙ) کان بي خبر هو. ان لاءِ ڪتاب شرح ڪبير لکڻ وقت ڪعبة الله جي بحث ۾ ڪيس مشڪلات جي سامهون ٿيڻو پيو ڇاڪاڻ تہ ڪعبة الله جو بحث علم هيئت سان مربوط آهي. پاڻ سندس هڪ شاگرد (جيڪو علم هيئت ۾ ماهر هو) کان ڪعبة الله جي بحث سان مربوط علم هيئت جي ضروري مسئلن کي سکڻ چاهيو تہ جيئن اهو ڪتاب شرح ڪبير ۾ مڪمل طور تي ڪعبة الله جي بحث کي ذڪر ڪري سگهي.

پر شاگرد پنهنجي استاد جي احترام جو لحاظ نہ ڪيو ۽ استاد محترم جي درخواست جو جواب هن ريت ڏنو: جهڙي ريت اسان ڪتاب بغل ۾ کڻي توهان جي خدمت ۾ ايندا آهيون ۽ توهان جي سامهون گوڏا ٽيڪي ويهندا آهيون اهڙي ريت توهان بہ ڪتاب بغل ۾ کڻي منهنجي گهر تشريف کڻي اچو تہ جئين توهان علم هيئت جي مسئلن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهو.

استاد کي شاگرد کان اهڙي اميد نہ هئي ان ڪري هو پنهنجي علمي مشڪل کي حل ڪرڻ لاءِ حضرت امام حسين عليہ السلام سان توسل ڪيو ان لاءِ ڪيس انهيءَ رات حرم مطهر ۾ توسل ڪيو ۽ صبح تائين

خدا جي عبادت انجام ڏني ۽ سيد الشهداء حضرت امام حسين عليہ السلام سان پنهنجي علمي مشڪل ڪي ختم ڪرڻ جي درخواست پيش ڪئي جنهن جي ان ڪي ضرورت هئي. ان ڪانپوءِ ان شرح ڪبير ۾ ڪعبة الله جي بحث ڪي ماهراڻي انداز سان تحرير ڪيو[٢٤].

## توسل کان پاسو ڪرڻ گناھ جي علامت آھي:

اهل بيت عصمت عليهم السلام سان توسل ڪرڻ جي اهميت ايتري تہ ضروري آهي جو ڪجھ روايتن ۾ فرمايو ويو آهي تہ: خدا جي اطاعت جو وسيلو فراهم نٿو ٿي سگهي سواءِ ان جي جو انسان ان معصوم هستين جي دامنِ ولايت سان توسل ڪري.

حضرت امير المومنين علي عليہ السلام فرمائن ٿا:

وَ لَا يَقْبَلُ تَوْحِيدَہُ إِلَّا بِالِاعْتِرَافِ لِنَبِيِّهِ ص بِنُبُوَّتِهِ وَ لَا يَقْبَلُ دِيناً إِلَّا بِوَلَايَةِ مَنْ أَمَرَ بِوَلَايَتِهِ وَلَا يَنْتَظِمُ أَسْبَابُ طَاعَتِهِ إِلَّا بِالتَّمَسُّكِ بِعِصَمِهِ وَعِصَمِ أَهْلِ وَلَايَتِه[٢٥].

الله سائين ڪنهنجي بہ توحيد واري عقيدي ڪي قبول نہ ڪندو سواءِ ان جي جو ان سان گڏوگڏ رسول خدا صلیٰ الله عليہ وآلہ وسلم جي نبوت جو اعتراف ڪري ۽ ڪنهن جو بہ دين قبول نہ ٿيندو سواءِ ان جي

[٢٤]. تذڪرة العلماء، مرحوم تنڪابني: ص، ١٠٤

[٢٥]. بحارالانوار: ج، ٩٤، ص، ١١٤

ولايت جي جنهن جي ولايت جو ان کي حڪم ڏنو ويو هجي ۽ خدا جي اطاعت جو وسيلو فراهم نٿو ٿي سگهي سواءِ ان جي جو خدا جي عصمت ۽ ان جي صاحبان ولايت سان توسل ڪري.

ان فرمان ۾ اميرالمؤمنين عليہ السلام خدا جي اطاعت جي سازو سامان جي فراهميءَ کي هن طرح بيان ڪيو آهي ته جڏهن انسان خدا ۽ خدا جي اولياء جي عصمت سان توسل ڪندو هجي. پر جيڪڏهن انسان انهن هستين جي طرف توجهه نه ڪندو ته خدا جي حڪمن جي اطاعت جو سازوسامان فراهم نه ٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته بزرگ هستيون خالق ۽ مخلوق جي درميان فيض جو وسيلو آهن.

ان روايت جي بنا تي گناهگارن جي گناهه جو اهم سبب اهل بيت عليهم السلام سان توسل ۽ تمسڪ کان دوري اختيار ڪرڻ آهي. بس جيڪڏهن توسل کي ترڪ ڪيو وجي ته شيطان جي وڇايل ڄار ۾ وچڙي معصيت ۾ گرفتار ٿي ويندا سين.

**بحث جو نتيجو:**

توسل دل جي پليدي کي پاڪ ڪندو آهي ۽ غافل دلين ۾ خدا جي ياد پيدا ڪندو آهي. جڏهن مختلف قسمن جا فتنه ۽ فساد انسانن کي گمراهيءَ ۾ مبتلا ڪن ته اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪن ته

جيئن انهن کي اهو توسل نجات جي ڪشتي وانگر ڪناري تائين پهچائي.

جيڪڏهن خدا جو قرب حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ خدا جي سامهون سرخرو ٿيڻ چاهيو ٿا ته توسل ئي توهان کي ان هدف تائين پهچائي سگهي ٿو.

اهل بيت عليهم السلام جي نسبت سان اسان اهم ترين اعتقادي مسئلن جهڙوڪ ان جو ايمان ۽ يقين، علم ، ڄاڻ ۽ ان جي قدرت ۽ ولايت توسل جي مسئلي ۾ ئي لڪيل آهي.

اخلاق جا عالي ترين مسئلا جهڙوڪ دل جي پاڪيزگي، غور ۽ فڪر وغيره توسل جي ذريعي ئي حاصل ٿيندا آهن. مشڪل ترين شخصي مسئلن کي اهل بيت عليهم السلام جي توسل سان حل ڪري سگهجي ٿو ڇو جو هي هستيون خدا جا جانشين ۽ ولايت الٰهي جا مالڪ آهن. اهل بيت عليهم السلام سان توسل ڪرڻ خدا جي اطاعت ڪرڻ ۽ گناهن کي ترڪ ڪرڻ جو وسيلو فراهم ڪندا آهن. اهڙي طرح خدا جي قدرت کان ئي مدد وٺي سگهجي ٿي.

آنان که خاک را به نظر کيميا کنند
آيا شود که گوشه چشمي به ما کنند

## تمت باالخير